(سنڌي)

# مالِ وِراثَتُ ۾ خِيانَتُ نہ ڪريو



پيشڪش: مَجلسِ اِفتَاء (دعوت اسلامي)

# مالِ وِراثت ۾ خيانت نہ ڪريو

هي رسالو "مالِ وِراثَت ميں خِيانَت نہ کیجئے" مَجلسِ اِفتَاء (دعوتِ اسلامي) جي طرفان اردو زبان ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

مجلسِ تراجِم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

## پيشڪش:

## مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي)


رابطي جي لاءِ:

مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز

فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 1262

Email: 🖃 translation@dawateislami.net


www.dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

## درود شريف جي فضيلت

رحمتِ عالم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي عرش کان علاوه ڪوئي سايو نہ هوندو، تي شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي عرش جي سايي ۾ هوندا. عرض ڪيو ويو: يارسولُ الله! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُهي ڪير هوندا؟ ارشاد فرمايائون: (1) اُهو شخص جيڪو منهنجي اُمتي جي پريشاني دُور ڪري (2) منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان دُرود شريف پڙهڻ وارو.

(البدور السافرة للسيوطي، ص 131، الحديث: 366)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# مالِ وِراثت ۾ خيانت نہ ڪريو

ڪنهن شخص جي انتقال کان پوءِ اُن جي ڇڏيل مال کي ”ميراث“ چيو ويندو آهي ۽ اُن کي مُنۡتَخَب اصولن ۽ قانونن جي مطابق ميت جي رشتيدارن ۾ تقسيم ڪيو ويندو آهي. ميراث جي تقسيم جا دنيا جي مختلف قومن ۾ مختلف طريقا رائج رهيا آهن، جيئن زمانهءِ جاهليت ۾ عرب جا ماڻهو عورتن ۽ ٻارن کي ميراث جي مال کان محروم رکندا هئا. اُنهن ۾ جيڪو زياده طاقتوَر ۽ با اثر هوندو هو، اُهو ڪنهن سوچ ۽ فڪر جي بغير سڄي ميراث ميڙي

وڻندو هو ۽ ڪمزورن جو حصو ڳسي وڃندو هو جڏهن تہ برِصغير جي قومن ۾ ٻين علائقن جا ماڻهو عورتن کي حصو نہ ڏيندا هئا. هي سڀ طريقا اعتدال (مياڻہ روي) کان پري ۽ عدل و انصاف جي تقاضن جي خلاف هئا.

## ميراث جي تقسيم ۽ دينِ اسلام جو اعزاز

دينِ اسلام جو هي اعزاز آهي جو اُن جتي ٻين معاملن ۾ افراط و تفريط (گهاٽي واڌي) کي ختم ڪيو اُتي ”تقسيمِ ميراث“ جي مُعاملي ۾ بهترين طريقا عطا فرمايا، محرومن کي حق ڏنا ۽ جابرن (ظالمن) کي حدن ۾ رکيو ۽ هر هڪ کي اُن جو مناسب حصو عطا فرمايو، جيئن خاص ڪري عورتن ۽ يتيم ٻارن جي حوالي سان خصوصي احڪام ڏنا، عورتن ۽ يتيم ٻارن کي وِراثتّ مان حصو نہ ڏيڻ واري رسم کي باطل ڪندي قُرآنِ مجيد مرد ۽ عورت مان هر هڪ کي اُن جي والدَين ۽ ٻين رشتيدارن جي مالِ وِراثتّ ۾ حصيدار قرار ڏنو آهي ۽ خاص طور تي يتيم ٻارن جي مال جي حفاظت ڪرڻ، ضرورت جي وقت اُنهن جو مال انهن جي حوالي ڪرڻ ۽ اُنهن جي مال ۾ هر قسم جي خيانت کان بچڻ جو نهايت تاڪيد سان حڪم ڏنو ۽ اُنهن جو مال کائڻ کي پنهنجي پيٽ ۾ باهہ ڀرڻ قرار ڏيندي جهنّم ۾ وڃڻ جو سبب قرار ڏنو آهي جڏهن تہ يتيم جي سرپرستن کي تنبيهہ ۽ نصيحت ڪندي ارشاد فرمايو تہ اهڙن ماڻهن کي اهو سوچڻ گهرجي تہ جيڪڏهن هي دنيا مان انتقال ڪري وڃن ۽ پنهنجي پويان ڪمزور اولاد ڇڏي وڃن تہ اُنهن جو ڇا ٿيندو، تہ جهڙي طرح پنهنجي اولاد جي باري ۾ فڪرمند ٿيندا آهن اهڙي طرح ٻين جي يتيم ٻارن جي باري ۾ بہ فڪرمند ٿين ۽ اُنهن جي مال جي باري ۾ اللہ عَزَّوَجَلَّ کان خوف ڪندي دين جي احڪامن تي عمل ڪن.

# ميراث جي تقسيم ۾ هن زماني جي مُسلمانن جو حال

خوفِ خدا ۽ فڪرِ آخرت رکڻ وارن مسلمانن جي لاءِ مٿي بيان ڪيل قرآن جا احڪام نصيحت جي لاءِ ڪافي آهن پر نهايت افسوس آهي تہ مسلمانن ۾ ڪثرت سان بين مالي مُعاملن وانگر وِراثتَ جي تقسيم جي متعلق حڪمِ قُرآني ۾ بہ وڏيون ڪوتاهيون واقع ٿي رهيون آهن جڻ تہ ميراث جي تقسيم ۾ جيڪو ظلم ۽ افراط و تفريط (گهاٽي واڌي) دينِ اسلام کان پهريان دنيا ۾ هوندي هئي اها ئي اڄ مختلف صورتن ۾ مسلمانن ۾ بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جيئن لاعلمي جي بنياد تي عاق ڪيل اولاد (يعني نافرمان اولاد جنهن کي والدين وِراثتَ کان خارج ڪن) يا ڌيئرن کي وِراثتَ نہ ٿي ڏني وڃي، ايئن ئي ڪيترين ئي جڳهن تي بيوه عورتن کي پنهنجي مڙس جي وِراثتَ کان محروم ڪيو ويندو آهي جيڪي ٻي شادي ڪري ڇڏين، جڏهن تہ ڪهڙين جڳهن تي بطورِ ظلم يتيم ٻارن جو مالِ وِراثتَ چاچن وغيره جي ظلم جو شڪار ٿي ويندو آهي.

اِن سنگين صورتِ حال جي پيشِ نظر الله تعاليٰ ۽ اُن جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وِراثتَ جي متعلق ڏنل احڪامن تي عمل جي طرف رغبت ڏيارڻ ۽ اُنهن جي احڪامن جي خلاف ورزي ڪرڻ تي عذابِ الٰهي کان ڊيڄارڻ جي لاءِ هي اهم رسالو مرتب ڪيو ويو آهي. الله تعاليٰ هن مختصر رسالي کي مسلمانن جي لاءِ نفعي بخش بڻائي ۽ ان جو مطالعو ڪري پنهنجي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمين.

www.dawateislami.net

## دينِ اسلام ۾ ميراث جا احڪام

ميراث جي تقسيم جيئن تہ هڪ اهم معاملو آهي ۽ ان ۾ ظلم ۽ ڏاڍ، حق تلفي، مالي بدديانتي ۽ پاڻ ۾ جهيڳڙي فساد جو تمام گهڻو انديشو آهي، ان لاءِ الله تعاليٰ ميراث جا اڪثر احڪام قُرآنِ پاڪ ۾ وڏي وضاحت سان بيان فرمايا آهن ۽ اُنهن تي عمل ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي طريقن ۾ تاڪيد سان گڏ بيان فرمايو جيئن شروع ۾ ارشاد فرمايو تہ الله توهان کي حڪم ڏئي ٿو ۽ هي حڪم بيان ڪري ميراث جي تقسيم جوطريقو بيان فرمايو،

يُوْصِيْكُمُ اللّٰهُ فِيْۤ اَوْلَادِكُمْ ۗ لِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ الْاُنْثَيَيْنِ ۚ فَاِنْ كُنَّ نِسَآءً فَوْقَ اثْنَتَيْنِ فَلَهُنَّ ثُلُثَا مَا تَرَكَ ۚ وَ اِنْ كَانَتْ وَاحِدَةً فَلَهَا النِّصْفُ ؕ وَ لِاَبَوَيْهِ لِكُلِّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا السُّدُسُ مِمَّا تَرَكَ اِنْ كَانَ لَهٗ وَلَدٌ ۚ فَاِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّهٗ وَلَدٌ وَّ وَرِثَهٗۤ اَبَوٰهُ فَلِاُمِّهِ الثُّلُثُ ۚ فَاِنْ كَانَ لَهٗۤ اِخْوَةٌ فَلِاُمِّهِ السُّدُسُ مِنْۢ بَعْدِ وَصِيَّةٍ يُّوْصِيْ بِهَاۤ اَوْ دَيْنٍ ؕ

(النساء: 11)

**ترجمو ڪنزالايمان:** الله توهان کي حڪم ڏئي ٿو توهان جي اولاد جي باري ۾ پُٽ جو حصو ٻن ڌيئرن جي برابر آهي پوءِ جي فقط ڌيئرون آهن جيتوڻيڪ ٻن کان مٿي تہ انهن کي ميراث جون ٻہ تهايون ۽ جيڪڏهن ڌيءُ هڪ هجي تہ ان جو اڌ آهي ۽ فوتيءَ جي ماءُ ۽ پيءُ مان هر هڪ کي سندس ميراث جو ڇهون حصو جيڪڏهن ڪيس اولاد هجي پوءِ جيڪڏهن فوتيءَ کي اولاد نہ هجي ۽ ماءُ ۽ پيءُ وارث ڇڏيائين تہ ماءُ جو ٽيون حصو پوءِ جيڪڏهن ان جا ڪيئي ڀاءُ ڀيڻ اتس تہ پوءِ فوتي جي ماءُ جو ڇهون حصو بعد ان وصيّت جي جو ڪري ويو ۽ قرض جي.

۽ الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

وَلَكُمۡ نِصۡفُ مَا تَرَكَ اَزۡوَاجُكُمۡ اِنۡ لَّمۡ يَكُنۡ لَّهُنَّ وَلَدٌ ۚ فَاِنۡ كَانَ لَهُنَّ وَلَدٌ فَلَكُمُ الرُّبُعُ مِمَّا تَرَكۡنَ مِنۡۢ بَعۡدِ وَصِيَّةٍ يُّوۡصِيۡنَ بِهَآ اَوۡ دَيۡنٍ ؕ وَلَهُنَّ الرُّبُعُ مِمَّا تَرَكۡتُمۡ اِنۡ لَّمۡ يَكُنۡ لَّكُمۡ وَلَدٌ ۚ فَاِنۡ كَانَ لَكُمۡ وَلَدٌ فَلَهُنَّ الثُّمُنُ مِمَّا تَرَكۡتُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ وَصِيَّةٍ تُوۡصُوۡنَ بِهَآ اَوۡ دَيۡنٍ ؕ وَاِنۡ كَانَ رَجُلٌ يُّوۡرَثُ كَلٰلَةً اَوِ امۡرَاَةٌ وَّلَهٗۤ اَخٌ اَوۡ اُخۡتٌ فَلِكُلِّ وَاحِدٍ مِّنۡهُمَا السُّدُسُ ۚ فَاِنۡ كَانُوۡۤا اَكۡثَرَ مِنۡ ذٰلِكَ فَهُمۡ شُرَكَآءُ فِى الثُّلُثِ مِنۡۢ بَعۡدِ وَصِيَّةٍ يُّوۡصٰى بِهَآ اَوۡ دَيۡنٍ ۙ غَيۡرَ مُضَآرٍّ ۚ وَصِيَّةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَلِيۡمٌ (النساء: 12)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ توهان جون زالون جيڪي ڇڏي وڃن ان مان توهان جو اڌ آهي جيڪڏهن انهن کي اولاد نہ هجي پر جيڪڏهن انهن کي اولاد هجي تہ انهن جي ترڪي مان توهان جي چوٿائي آهي وصيّت کان پوءِ جيڪا ڪري ويون ۽ قرض ڪڍي ڪري ۽ زالن جي واسطي چوٿون حصو آهي توهان جي ميراث مان، جيڪڏهن توهان جي اولاد نہ هجي. پوءِ جي توهان کي اولاد هجي تہ انهن جو اٺون حصو آهي توهان جي ترڪي مان بعد وصيّت جي جو توهان ڪري وڃو ۽ قرض ڪڍي ڪري ۽ جيڪڏهن ڪنهن اهڙي مرد يا عورت جي ملڪيت ورهائجي تي جنهن ماءُ ۽ پيءُ ۽ اولاد ڪجهہ نہ ڇڏيو هجي ۽ ان کي مائٽو ڀاءُ يا ڀيڻ آهي تہ انهن مان هر هڪ کي ڇهون حصو پوءِ جي اهي ڀاءُ ڀيڻ هڪ کان وڌيڪ آهن تہ سمورا ٽهائيءَ ۾ شريڪ آهن ميت جي وصيّت ۽ قرض ڪڍي ڪري جنهن ۾ انهيءَ نقصان نہ پهچايو هجي هي الله جو حڪم آهي ۽ الله ڄاڻندڙ، بردبار آهي.

ميراث ۾ جيڪي حِصا مقرر ڪيا ويا، اُنهن جي مقدار جي مڪمل حڪمت ۽ مَصلِحَتَ الله تعاليٰ ئي بهتر ڄاڻي ٿو، اسان جي عقل ۽ سمجهہ کي ان جي اونهائيءَ تائين پهچ حاصل ناهي. ان لاءِ الله تعاليٰ حصا بيان ڪرڻ کان پوءِ واضح طور تي ارشاد فرمائي ڇڏيو تہ:

اٰبَآؤُكُمْ وَ اَبْنَآؤُكُمْ لَا تَدْرُوْنَ اَيُّهُمْ اَقْرَبُ لَكُمْ نَفْعًاؕ فَرِيْضَةً مِّنَ اللّٰهِؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا (النساء: 11)

**ترجمو ڪنزالايمان:** توهان جا پيءُ ۽ توهان جا پُٽ چا ڄاڻو جو انهن مان ڪهڙو توهان جي ڪم گهڻو ايندو هي حصو مقرر آهي اللّٰه جي طرف کان بيشڪ اللّٰه علم وارو حڪمت وارو آهي.

اللّٰه تعالٰي مزيد ارشاد فرمائي ٿو:

تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِؕ وَ مَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ يُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَاؕ وَ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۱۳﴾ وَ مَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَ يَتَعَدَّ حُدُوْدَهٗ يُدْخِلْهُ نَارًا خَالِدًا فِيْهَا۪ وَ لَهٗ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ (النساء: 13-14)

**ترجمو ڪنزالايمان:** هي اللّٰه جون حدون آهن ۽ جيڪو حڪم مڃي اللّٰه ۽ اللّٰه جي رسول جو اللّٰه ان کي باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون جاري آهن، هميشہ ان ۾ رهندا ۽ اهائي وڏي ڪاميابي آهي، ۽ جيڪو اللّٰه ۽ ان جي رسول جي نافرماني ڪري ۽ ان جون سموريون حدون اورانگهي تہ اللّٰه کيس باہ ۾ داخل ڪندو جنهن ۾ هميشہ رهندو ۽ ان جي واسطي خواري جو عذاب آهي.

## ميراث جي تقسيم جي اهميت

وِراثتَ ۾ هر وارث کي حق ڏيڻ ڪيترو ضروري آهي، ان جو اندازو هن رُڪوع ۾ بيان ڪيل شين مان لڳايو:

(1) شروع ۾ فرمايو تہ اللّٰه تعالٰي توهان کي وِراثتَ تقسيم ڪرڻ جو حڪم ڏيئي ٿو.

(2) رڪوع جي آخر ۾ فرمايو تہ وِراثتَ جا احڪام اللّٰه تعالٰي جون مقرر ڪيل حدون آهن جنهن کي ٽوڙڻ جي اجازت ناهي.

(3) جيڪو وِراثتَ کي بَخُوبي (چڱي طرح) تقسيم ڪري اطاعتِ الٰهي ڪندو ۽ اللّٰه جي حدن جي پاسداري (لحاظ) ڪندو، اُهو هميشہ هميشہ جي لاءِ جنت جي باغن ۾ داخل ٿيندو.

(4) جيڪو وِراثتَ ۾ ٻئي جو حق ماريندو ۽ حدودُ الله ڪي توڙيندو اُهو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نافرمان آهي.
(5) اهڙو شخص جهنّم جي ڀڙڪندڙ باھ ۾ داخل ٿيندو.
(6) ۽ جيڪو شخص وِراثتَ جي انهن احڪامن کي مڃي ئي نہ ٿو ۽ ان جي سبب عمل ئي نہ ٿو ڪري اُهو تہ هميشہ جي لاءِ جهنّم ۾ ويندو ۽ ان جي لاءِ خُوار ڪندڙ عذاب آهي.

## ميراث جي متعلق بُزُرگانِ دين جون احتياطون

اي ڪاش! مٿي بيان ڪيل وعيدن کي پڙهي ڪري هر مسلمان الله تعالٰي ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏنل احڪامن جي مطابق ئي ميراث کي تقسيم ڪري ۽ ان جي خلاف ورزي ڪرڻ جي صورت ۾ الله تعالٰي جي سخت گرفت ۽ جهنّم جي ڀڙڪندڙ باھ جي خوار ڪندڙ عذاب ۾ مبتلا ٿيڻ کان ڊڄي. تقسيمِ ميراث جي انهيءَ اهميت جي پيشِ نظر اسان جا بُزُرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين ان معاملي ۾ ڪيتري قدر احتياط فرمائيندا هئا، هتي ان جي ڪجھ جهلڪ ملاحظ فرمايو.

## وِراثتْ جي مال جو ڏيئو وسائي ڇڏيو

مروي آهي تہ هڪ بُزُرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪنهن شخص وٽ ان جي موت جي وقت موجود هئا جڏهن اُهو فوت ٿي ويو تہ اُنهن فرمايو تہ ڏيئو وسائي ڇڏيو جو هاڻي ان جي تيل ۾ وارثن جو حق شامل ٿي ويو آهي. (احياءِ علوم الدين، ڪتاب الحلال، الباب الاول، امثلة الدرجات الاربع في الورع وشواهدها، 122/2)

## وِراثتْ جي مال جو ٿڌو استعمال ڪرڻ کان منع ڪري ڇڏيو

حَضْرَت عبدالرحمٰن بن مهدي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ جڏهن منهنجي چاچي جو انتقال ٿي ويو تہ منهنجا والد بيهوش ٿي ويا،

هوش ۾ اچڻ تي فرمايائون تہ تڏي کي وِراثتَ ۾ داخل ڪريو (۽ ان کي هاڻي استعمال نہ ڪريو ڇو جو ان ۾ وارثن جو حق شامل ٿي ويو آهي.)

## وِراثتْ جي مال جو تڏو استعمال ڪرڻ واري کي تنبيه

حضرت ابنِ ابي خالد رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا: آئون حضرت ابو العباس خطاب رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْه سان گڏ هيس. پاڻ هڪ اهڙي شخص وٽ تعزيت جي لاءِ حاضر ٿيا جنهن جي گهرواريءَ جو انتقال ٿي ويو هو، پاڻ گهر ۾ هڪ تڏو وڇايل ڏٺو تہ گهر جي دروازي وٽ ئي بيهي رهيا ۽ اُن شخص کي فرمايائون: ڇا توکان علاوه بہ ڪو وارث آهي؟ اُن شخص جواب ڏنو: جي ها! پاڻ رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمايو: تنهنجو ان شيءِ (تڏي) تي ويهڻ ڪيئن آهي جنهن جو تون مالڪ ئي نہ آهين. تہ اُهو شخص (ان تنبيھ کان پوءِ) اُن تڏي تان اُٿي ويو. (اتحاف السادة المتقين، كتاب الحلال والحرام، الباب الاول، امثلة الدرجات الاربع في الورع وشواهدها، 488/6)

## مُون پنهنجي اولاد کي پين جو حق ناهي ڏنو

هي تہ ڪنهن جي انتقال کان پوءِ اُن جي مال جي متعلق بُزُرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين جو حال (انداز) هو جڏهن تہ پنهنجي مال ۽ ان جي تيڻ وارن وارثن جي حوالي سان بُزُرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين ڪيتري قدر محتاط هئا، اُن جي جهلڪ بہ ملاحظ ڪريو.

جيئن تہ مَرۡوِي آهي تہ حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْه جي وصال جي وقت مَسۡلَمَہ بن عبدالملڪ انهن وٽ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيو: اي امير المُؤمنين! توهان اهڙو ڪم ڪيو آهي جيڪو توهان کان پهرين ڪنهن نہ ڪيو، اُهو هي تہ توهان اولاد تہ ڇڏي آهي پر اُنهن جي لاءِ ڪو مال نہ ڇڏيو آهي (ڇو تہ پاڻ عَلَیْهِ رَحْمَۃُ وٽ مال ئي نہ هو بلڪ اُهي تنگدستي جي زندگي گذاري رهيا هئا) حضرت عمر بن عبدالعزيز

www.dawateislami.net

رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جن فرمايو: مونکي ويهاريو، ڪين ويهاريو ويو، پوءِ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمايو: توهان جيڪو هي چيو آهي تہ مون پنهنجي اولاد جي لاءِ مال نہ ڇڏيو آهي، ان جو مطلب هي نہ آهي تہ مون انهن جو حق ماريو آهي بلڪ اصل ڳالهہ هي آهي تہ مون انهن کي ٻين جو حق ناهي ڏنو ۽ منهنجي اولاد جي ٻن مان ڪا هڪ حالت ٿيندي:

1. اُهي اللّٰہ جي اطاعت ڪندا ۽ ان صورت ۾ اللّٰہ تعالٰي انهن کي ڪافي هوندو ڇو جو هُو نيڪن جو والي آهي.
2. اُهي اللّٰہ تعالٰي جي نافرماني ڪندا، ان صورت ۾ مون کي ان ڳالهہ جي پرواهہ نہ آهي تہ انهن سان ڪهڙو معاملو ٿيندو (ڇو جو اُهي پنهنجي عملن جا خود جوابدار آهن.)

## پنهنجي مال جي متعلق هڪ شرعي حڪم

مٿي بيان ڪيل حڪايت کي سامهون رکندي هر شخص پنهنجي حال تي غور ڪري سگهي ٿو تہ اُن کي مال جي وِراثتؔ جي متعلق ڪيتري قدر احتياط جي ضرورت آهي، هتي هن حڪايت جي مناسبت سان هڪ شرعي حڪم ياد رکو تہ پنهنجو سمورو مال راهِ خدا ۾ خرچ ڪري ڇڏڻ ۽ پنهنجي وارثن کي محتاج ڪرڻ مناسب نہ آهي ان لاءِ جيڪڏهن پنهنجي مال کي نيڪ ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ جي وصيّت ڪرڻي ٻہ آهي تہ ٽئين حصي کان گهٽ يا وڌ ۾ وڌ ٽئين حصي تائين وصيّت ڪرڻ جي اجازت آهي ۽ بقايا ٻہ حصا وارثن جي لاءِ ڇڏيا وڃن. حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي، حضورِ اقدس صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو:

”اِنَّکَ اِنۡ تَرَکۡتَ وَلَدَکَ اَغۡنِیَآءَ خَیۡرٌ مِّنۡ اَنۡ تَتۡرُکَہُمۡ عَالَۃً یَّتَکَفَّفُوۡنَ النَّاسَ“

www.dawateislami.net

تنهنجو پنهنجي وارثن کي غني ڇڏڻ ان کان بهتر آهي جو انهن کي محتاج ڇڏين جو اُهي ماڻهن کان سُوال ڪن.

(بخاري، ڪتاب الفرائض، باب ميراث البنات، ج 4، ص 316، الحديث 6733)

## ميراث جي تقسيم جا 7 فائداءِ برڪتون

دينِ اسلام مسلمانن کي جيڪي بہ احڪامات ۽ اصول و قانون ڏنا اهي سيئي دنيا ۽ آخرت جي بي شمار ڀلائين، برڪتن، رحمتن ۽ فائدن تي مشتمل آهن، هتي اسلامي اصولن ۽ قانونن جي مطابق ميراث تقسيم ڪرڻ جا 7 اُخروي ۽ دنياوي فائدا ۽ برڪتون ملاحظ فرمايو:

(1) شرعي احڪامن جي مطابق ميراث تقسيم ڪرڻ سان الله تعالٰي جي رضا حاصل ٿيندي آهي.

(2) ميراث جي شرعي احڪامن تي عمل ڪرڻ وارو جنت جو حقدار ٿيندو ۽ جهنّم جي خُواري واري عذاب کان بچي ويندو آهي ۽ اها آخرت جي تمام وڏي ڪاميابي آهي.

(3) تقسيمِ ميراث جي اسلامي احڪامن تي عمل ڪرڻ سان جيڪڏهن ٻين کي ترغيب ملي تہ جيڪو ان ترغيب جو سبب ٿيو تہ ان کي ٻين جي عمل جو بہ اجر ملندو آهي.

(4) شرعي قانونن جي مطابق ميراث ۾ ملڻ وارو مال حلال هوندو آهي ۽ حلال مال مان ڪيل عبادتون قبول هونديون آهن ۽ انهن جو قبول ٿي وڃڻ آخرت جو سرمايو آهي.

(5) شرعي اصولن جي مطابق ميراث تقسيم ڪرڻ سان دولت جي مُنصفانہ (انصاف موجب) تقسيم ٿيندي آهي نہ تہ عُمومًا جهيڙا جهڳڙا ٿيندا آهن.

(6) ڪمزور رشتيدارن، عورتن ۽ ٻارن کي وِراثتّ مان اُنهن جو حصو ڏيڻ انهن جي خيرخواهي ڪرڻ جي بہ هڪ صورت آهي ۽ مسلمانن جي خيرخواهي دين جو هڪ بنيادي مقصد آهي، گڏوگڏ ان سان انهن جون دعائون، همدردي ۽ محبت ملندي آهي.

(7) شريعت جي مطابق ميراث تقسيم ڪرڻ وارو ظالمن ۽ غاصبن جي صف ۾ شامل ٿيڻ، وارثن جي دشمني، بُغض ۽ حَسد ۽ ماڻهن جي ملامت کان بچي ويندو آهي.

## ميراث جي تقسيم نہ ڪرڻ جا 7 نقصان

جهڙي طرح اسلامي احڪام جي مطابق ميراث جو مال تقسيم ڪرڻ جا ڪيترائي اُخروي ۽ دنياوي فائدا ۽ برڪتون آهن، اهڙي طرح شريعت جي مطابق ميراث تقسيم نہ ڪرڻ جا ڪيترائي دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ تمام گهڻا نقصان بہ آهن، هتي 7 نقصان بيان ڪجن ٿا:

(1) شريعت جي مطابق ميراث تقسيم نہ ڪرڻ الله تعالٰي ۽ اُن جي رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نافرماني ۽ انهن جي حدن کي ٽوڙڻ آهي ۽ اهڙي شخص جي لاءِ قُرآنِ مجيد ۾ جهنّم جي عذاب جي وعيد بيان ڪئي وئي آهن.

(2) وارث جي مال تي قبضو ڪرڻ واري کان قيامت جي انتهائي خوفناڪ ڏينهن هڪ پائي جو حساب ورتو ويندو ۽ هر حقدار کي اُن جو حق ضرور ڏياريو ويندو.

(3) اسلامي اصولن جي مطابق ميراث تقسيم نہ ڪرڻ ۽ وارثن کي انهن جي حق کان محروم ڪرڻ اسلامي طريقن کان هٽڻ ۽ ڪافرن جي طريقي تي هلڻ آهي جيڪو هرگز مسلمان جي شايانِ شان نہ آهي.

(4) ميراث جي حقدارن جو مال ڪائڻ وارو، ظالم ۽ ڪيئي صورتن ۾ غاصِب (ناجائز قبضو ڪرڻ وارو) آهي ۽ اهڙو شخص ظلم ۽ غصب جي ڪري جهنّم جو مستحق (حقدار) آهي.

(5) ٻين جي ميراث تي قبضي جو مال "مالِ حرام" آهي ۽ حرام مال مان ڪيل صدقو مَرْدُود آهي ۽ اهڙي شخص جي دعا بہ قبول ناهي ٿيندي.

(6) ٻين جي ميراث جو مال ڪائڻ سان ڪمزور ماڻهن جون بددُعائون ملنديون آهن ۽ مظلوم جي بد دُعا بارگاهِ الٰهي ۾ مقبول آهي.

(7) ميراث جو مال نہ ڏيڻ سان دشمنيون پيدا ٿينديون آهن ۽ اهڙو شخص ماڻهن جي نظر ۾ ذلت ۽ رُسوائي جو شڪار ٿيندو آهي.

## مالِ وِراثت جي تعلق سان ٿيڻ وارا 5 وڏا گناهہ

مالِ وِراثت جي حوالي سان ماڻهن ۾ ملندڙ وڏا وڏا گناهہ هي آهن. اي ڪاش اسان جو ذهن اهڙو ٿي وڃي جو انهن گناهن کي سڃاڻڻ ۽ انهن جون وعيدون پڙهندي ئي اسان جو توبهہ ۽ انهن گناهن کان بچڻ جو ذهن بڻجندو وڃي ۽ اسان بہ انهن ماڻهن جي گروهہ ۾ شامل ٿي وڃون جنهن جي باري ۾ الله تعاليٰ ارشاد فرمايو:

اَلَّذِيْنَ يَسْتَمِعُوْنَ الْقَوْلَ فَيَتَّبِعُوْنَ اَحْسَنَهٗ ؕ اُولٰٓىِٕكَ الَّذِيْنَ هَدٰىهُمُ اللّٰهُ وَاُولٰٓىِٕكَ هُمْ اُولُوا الْاَلْبَابِ (زمر: 18)

**ترجمو ڪنزالايمان:** جيڪي ڪن لائي ڳالهہ ٻڌن پوءِ ان جي چڱي تي هلن ۽ اهي ئي آهن جن کي الله هدايت فرمائي ۽ اهي آهن عقل وارا.

## پهريون گناهہ: وصيّت جي ذريعي وارثن کي محروم ڪرڻ

مرڻ واري جي لاءِ مستحب هي آهي تہ هُو پنهنجي مال جي

www.dawateislami.net

متعلق وصيّت ڪري وڃي ۽ اسلامي حڪم جي مطابق ٽن حصن تائين وصيّت جي اجازت آهي، پر افسوس اسان جي معاشري ۾ ميراث کان محروم ڪرڻ جي هي صورت بہ عام آهي جو دنياوي اٽبڻت ۽ ناراضگين جي سبب ڪيترائي ماڻهو هي وصيّت ڪري مرندا آهن تہ منهنجي مال مان فلاڻي کي هڪ پائي بہ نہ ڏني وڃي، حالانڪ شرعي طور تي هو ان جي مال جو حقدار هوندو آهي، اهڙن ماڻهن جي لاءِ هيٺ ڏنل ٻن حديثن ۾ وڏي عبرت آهي:

## پهرين وعيد: وصيّت جي ذريعي وارث کي نقصان پهچائڻ وارو جهنّم جي باهہ جو مستحق آهي

حضرت ابوهُريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”مرد ۽ عورت سٺ 60 سال (يعني تمام وڏي عرصي) تائين اللّٰه تعاليٰ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪندا رهن، پوءِ اُنهن جي موت جو وقت قريب اچي وڃي ۽ وصيّت ۾ (ڪنهن وارث) کي نقصان پهچائن تہ اُنهن جي لاءِ جهنّم جي باهہ واجب ٿي ويندي آهي. (ترمذي، ڪتاب الوصايا عن رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم، باب ماجاء في الضرار في الوصية، ج 4، ص 41، الحديث 2124)

## ٻين وعيد: پنهنجي وصيّت ۾ خيانت ڪرڻ بُري خاتمي جو سبب آهي

حضرت ابو هُريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، حضورِ اقدس صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”ڪو ماڻهو ستر 70 سالن تائين جنّتين جهڙا عمل ڪندو رهندو آهي پوءِ پنهنجي وصيّت ۾ خيانت ڪري ويهندو آهي تہ اُن جو خاتمو بُري عمل تي ٿيندو آهي ۽ اُهو جهنّم ۾ داخل ٿي ويندو آهي ۽ ڪو شخص ستر 70 سالن تائين جهنّمين وارا عمل ڪندو رهندو آهي پوءِ پنهنجي وصيّت ۾ انصاف کان ڪم وٺندو

www.dawateislami.net

آهي تہ اُن جو خاتمو چڱي عمل تي ٿيندو آهي ۽ اُهو جنت ۾ داخل ٿي ويندو آهي.“ (ابن ماجہ، كتاب الوصايا، باب الخيف في الوصية، ج 3، ص 305، الحديث 2704)

## ٻيون گناهہ: مستحق وارث کي ان جو حصو نہ ڏيڻ

ٻيون وڏو گناهہ هي آهي تہ گهڻين صورتن ۾ جهالت جي سبب ۽ گهڻين جڳهن تي غفلت جي سبب ۽ گهڻين جڳهن تي ظلم جي سبب مُستحق وارث کي اُن جو حصو نہ ڏنو ويندو آهي، جيئن ڪيترن ئي صورتن ۾ ڀينرن يا ڀائرَن يا نانِي، ڏاڏيءَ يا ڏاڏي جي وِراثتَ ۾ حصو نهندو آهي پر لاعلمي جي سبب نہ ڏنو ويندو آهي ۽ ايئن ئي ماءُ جو حصو نهندو آهي پر غفلت جي سبب نہ ڏنو ويندو آهي جڏهن تہ ظلمًا نہ ڏيڻ تہ واضح ئي آهي. اِنهن صورتن جي حوالي سان اسان کي غور ڪرڻ گهرجي تہ اسين مسلمان آهيون ۽ اسان جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ اُن جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان سڀ کان ڀهريان آهي، اچو! ڏسون تہ اسان جو دين اسان کي ڇا حڪم ڏئي رهيو آهي.

## مِيراث کان محروم ڪرڻ جون وعيدون

وارث کي اُن جو حصو ڏيڻ الله تعاليٰ جي احڪامن جي اطاعت آهي جڏهن تہ اُن کي محروم ڪري ڇڏڻ ڪافرن جو طرزِ عمل، احڪامِ الٰهي جي صاف خلاف ورزي ۽ جهنّم ۾ وڃي وڃڻ وارو ڪم آهي، جيئن تہ الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ تَاْكُلُوْنَ التُّرَاثَ اَكْلًا لَّمًّا ﴿۱۹﴾ وَّ تُحِبُّوْنَ الْمَالَ حُبًّا جَمًّا

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ميراث جو مال هَپ هَپ ڪري کائي وڃو ٿا ۽ مال سان نهايت گهڻي دوستي رکو ٿا.

(فجر: 19-20)

۽ ميراث جي احڪامن جي تفصيل بيان ڪرڻ کان بعد الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ؕ وَ مَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ يُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۱۳﴾ وَ مَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَ يَتَعَدَّ حُدُوْدَهٗ يُدْخِلْهُ نَارًا خَالِدًا فِيْهَا ۪ وَ لَهٗ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ (النساء 13-14)

ترجمو ڪنزالايمان: هي الله جون حدون آهن ۽ جيڪو حڪم مڃي الله ۽ الله جي رسول جو الله ان کي باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون جاري آهن، هميشہ ان ۾ رهندا ۽ اهائي وڏي ڪاميابي آهي، ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي نافرماني ڪري ۽ ان جون سموريون حدون اورانگهي تہ الله ڪيس باھ ۾ داخل ڪندو جنهن ۾ هميشہ رهندو ۽ ان جي واسطي خواري جو عذاب آهي.

۽ حضرت اَنس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو

”مَنْ قَطَعَ مِيْرَاثَ وَارِثِهٖ قَطَعَ اللّٰهُ مِيْرَاثَهٗ مِنَ الْجَنَّةِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ“

يعني جيڪو شخص پنهنجي وارث جي ميراث ڪٽيندو الله تعالٰي قيامت جي ڏينهن جنت مان اُن جي ميراث کي ڪٽي ڇڏيندو. (مشڪاة المصابيح، ڪتاب الفرائض والوصايا، باب الوصايا، الفصل الثالث ج 1، ص 567، الحديث 3078)

## ٽيون گناھ: ڀين جي وِراثتْ دٻائڻ مالِ حرام حاصل ڪرڻ آهي

ڪنهن ٻئي وارث جو مال، قبضو ڄمائڻ واري جي لاءِ مالِ حرام آهي. حرام مال حاصل ڪرڻ ۽ اُن کي کائڻ ڪبيره گناھ ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ سخت نا پسنديده آهي.

## حرام مال حاصل ڪرڻ ۽ ان کي کائڻ جون 4 وعيدون

حديثن ۾ مالِ حرام جي متعلق تمام سخت وعيدون بيان ڪيون ويون آهن، هتي انهن مان 4 حديثون ملاحظہ ڪريو:

www.dawateislami.net

## پهرين وعيد: مالِ حرام مان صدقو قبول ناهي ۽ انکي ڇڏي مرڻ جهنّم ۾ داخل ٿيڻ جو سبب آهي

حضرتِ عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، نبي اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جيڪو ٻانهو مالِ حرام حاصل ڪندو آهي، جيڪڏهن اُن جو صدقو ڪري تہ مقبول ناهي، ۽ خرچ ڪري تہ اُن جي لاءِ اُن ۾ برڪت ناهي، پنهنجي پويان ڇڏي مري تہ جهنّم ۾ وڃڻ جو سامان آهي. الله تعالٰي بُرائي سان بُرائي کي مِٽائيندو ناهي، ها نيڪي سان بُرائي کي مِٽائيندو آهي. بي شڪ خبيث کي خبيث نہ ٿو مِٽائي.“

(مسند امام احمد، مسند عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ، ج 2، ص 33، الحديث: 3672)

## ٻين وعيد: حرام غذا تي پلجڻ واري جسم تي جنت حرام آهي

حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، سرورِ ڪائنات صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله تعالٰي اُن جسم تي جنّت حرام فرمائي ڇڏي آهي جيڪو حرام غذا سان پليو وڌيو هجي. (ڪنزالعمال، ڪتاب البيوع، قسم الاقوال، الباب الاول، الفصل الاول، ج 2، ص 8، الجزء الرابع الحديث: 9255)

## ٽين وعيد: حرام لُقمو کائڻ واري جا 40 ڏينهن جا عمل مقبول ناهن

تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي ارشاد فرمايو: اي سعد! پنهنجي غذا پاڪ ڪري وٺ! مُسْتَجَابُ الدَّعْوَات ٿي ويندين، اُن ذات جو قسم جنهن جي قبضۂ قدرت ۾ مون محمّد (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جي جان آهي! ٻانهو حرام جو لُقمو پنهنجي پيٽ ۾ وجهندو آهي تہ اُن جا چاليهہ 40 ڏينهن جا عمل قبول نہ ٿيندا آهن ۽ جنهن ٻانهي جو گوشت حرام سان پليو وڌيو هجي اُن جي لاءِ باھ وڌيڪ بهتر آهي. (معجم الاوسط، باب الميم، من اسمہ: محمد، ج 5، ص 34، الحديث: 6495)

## چوٿين وعيد: حرام ڪائڻ پيئڻ واري جي دُعا قبول ناهي ٿيندي

حضرت ابو هُريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ شخص جو ذڪر ڪيو جيڪو ڊگهو سفر ڪندو آهي، اُن جا وار مُنتشر (ڪندريل) ۽ بدن مٽي هاڻو آهي ۽ اُهو پنهنجا هٿ آسمان جي طرف ڪٽي يارب! يارب! پُڪاري رهيو آهي حالانڪ اُن جو ڪائڻ حرام، پيئڻ حرام، لباس حرام، غذا حرام هجي پوءِ اُن جي دُعا ڪيئن قبول ٿيندي! (مسلم، ڪتاب الزڪاة، باب قبول الصدقة من الڪسب الطيّب...... الخ، ص 506، الحديث: 65 (1015)

الله تعالٰي مسلمانن ڪي حرام مال حاصل ڪرڻ کان بچڻ ۽ حلال مال حاصل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي، اٰمين.

## چوٿون گناهہ: وارث جي مال تي قبضو ڪرڻ

ڪنهن جي وِراثتّ جو حصو دٻائڻ، ناحق مال ڪائڻ ۾ داخل آهي ۽ ان کان الله تعالٰي منع فرمايو آهي، جيئن تہ ارشاد فرمايو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوْۤا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ (النساء: 29)

ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو مال ناحق نہ ڪائو.

۽ جڏهن ڪو وارث مالِ وِراثتّ مان پنهنجي حصي تي قبضو ڪري وٺي پوءِ ٻيو وارث اُن جو حصو ڪسي وٺي تہ هي ڪنهن مسلمان جو مال ناحق غصب ڪرڻ (ڦٻائڻ) آهي.

## مسلمان جو مال ناحق غصب ڪرڻ (ڦٻائڻ) جون 3 وعيدون

حديثن ۾ مسلمان جو مال ناحق غصب ڪرڻ تي وڏيون سخت وعيدون بيان ڪيون ويون آهن، اُن مان ٽي حديثون ملاحظ فرمايو:

## پهرين وعيد: غاصب (ناجائز قبضو ڪندڙ) کي بروزِ قيامت ست زمينن جو طوق پارايو ويندو

حضرت سعيد بن زيد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبيءِ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جنهن هڪ گرانٽ جي برابر زمين ناحق ڪنئي تہ قيامت جي ڏينهن اُن کي ست زمينن جو طوق (هار) پارايو ويندو“.

(بخاري، ڪتاب بدء الخلق، باب ماجاء في سبع ارضين، ج 2، ص 377، الحديث: 3198)

## ٻين وعيد: غاصب جا فرائض ۽ نفل قبول ناهن

حضرت سعد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبيءِ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو زمين جي ڪنهن ٽڪري تي ناجائز طريقي سان قابض ٿيو تہ اُن کي ست زمينن جو طوق پارايو ويندو ۽ اُن جو نہ فرض قبول ٿيندو نہ نفل“

(مسند ابي يعلي، مسند سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ، ج 1، ص 315، الحديث: 740)

## ٽين وعيد: غاصب قيامت جي ڏينهن ڪوڙهي ٿي بارگاهِ الٰهي ۾ حاضر ٿيندو

حضرت اَشۡعَث بن قَيس ڪِنۡدي کان روايت آهي حضورِ اقدس صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو شخص ٻئي جي مال تي قبضو ڪندو، اهو قيامت جي ڏينهن اللہ تعاليٰ سان ڪوڙهي ٿي ملندو.

(معجم ڪبير، باب فيما اعدّ اللہ من عقابہ و غضبہ يوم القيامة ...... الخ، ج 1، ص 233، الحديث: 637)

اللہ تعاليٰ ان بُري فعل کان بہ اسان جي حفاظت فرمائي. اٰمين

## پنجون گناهہ: يتيم وارثن کي انهن جي حصي کان محروم ڪري ڇڏڻ

وِراثتَ جي مسئلي ۾ سنگين ترين صورتحال يتيم وارثن کي اُنهن جي حصي کان محروم ڪرڻ ۽ انهن کي حصو نہ ڏيڻ آهي.

## يتيم جو مال ناحق کائڻ جون 4 وعيدون

اهڙن ماڻهن جي لاءِ هيٺ ڏنل آيت ۽ 3 حديثن ۾ وڏي عبرت آهي، جيئن تہ

## پهرين وعيد: بطورِظلم يتيمن جو مال کائڻ وارا ڀڙڪندڙ باهہ ۾ ويندا

الله تعاليٰ ارشاد فرمايو آهي:

اِنَّ الَّذِیْنَ یَاْكُلُوْنَ اَمْوَالَ الْیَتٰمٰى ظُلْمًا اِنَّمَا یَاْكُلُوْنَ فِیْ بُطُوْنِهِمْ نَارًاؕ وَ سَیَصْلَوْنَ سَعِیْرًا (النساء: 10)

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ جيڪي يتيمن جو مال ناحق کائن ٿا، اهي تہ پنهنجي پيٽ ۾ خالص باهہ ڀرين ٿا ۽ اجهو جيئي هڻندڙ باهہ ۾ ويندا.

## ٻين وعيد: يتيم جو مال ناحق کائڻ واري جي وات مان باهہ نڪري رهي هوندي

**حضرت ابو بَرْزه** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي حضورِ اقدس صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”قيامت جي ڏينهن هڪ قوم پنهنجي قبرن مان ان طرح اٿاري ويندي جو انهن جي واتن مان باهہ نڪري رهي هوندي.“ عرض ڪيو ويو: يارسولُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي ڪير ماڻهو هوندا؟ ارشاد فرمايائون: ”ڇا تو الله تعاليٰ جي هن فرمان کي نہ ڏٺو،

اِنَّ الَّذِیْنَ یَاْكُلُوْنَ اَمْوَالَ الْیَتٰمٰى ظُلْمًا اِنَّمَا یَاْكُلُوْنَ فِیْ بُطُوْنِهِمْ نَارًاؕ (النساء: 10)

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ جيڪي يتيمن جو مال ناحق کائن ٿا، اهي تہ پنهنجي پيٽ ۾ خالص باهہ ڀرين ٿا.“

(الدر المنثور، النساء تحت الآية: 10، ج 2، ص 443)

www.dawateislami.net

## ٽين وعيد: يتيمن جو مال ظلمًا کائڻ وارن جو دردناڪ عذاب

حضرت ابوسعيد خدري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مون معراج جي رات اهڙي قوم ڏٺي جنهن جا چَپَ اُٺن جي چپن جيان هئا ۽ انهن تي اهڙا ماڻهو مقرر هئا جيڪي انهن جي چپن کي پڪڙي انهن جي واتن ۾ باھ جا پٿر پيا وجهن جيڪي انهن جي پويان کان نڪري ويندا هئا. مون پڇيو: اي جبرائيل (عَلَیْہِ السَّلَام)، اهي ڪير ماڻهو آهن؟ عرض ڪيائين: ”هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي يتيمن جو مال ظلم سان کائيندا هئا.“ (تهذيب الآثار، مسند عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ، ذڪر من روي عن النبي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انّہ راي من ذڪرت من السموات، ج 2، ص 427، الحديث: 725)

## چوٿين وعيد: يتيم جو مال ناحق کائڻ وارو جنت ۽ ان جي نعمتن کان محروم ٿي ويندو

حضرت ابوهُريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي نبيِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”چار شخص اهڙا آهن جن کي جنت ۾ داخل نہ ڪرڻ ۽ ان جون نعمتون نہ چکائڻ الله تعاليٰ تي حق آهي: (1) شراب جو عادي (2) وياج کائڻ وارو (3) ناحق يتيم جو مال کائڻ وارو (4) والدين جو نافرمان“. (مستدرڪ حاڪم، ڪتاب البيوع، انّ ربي الربا عرض الرجل المسلم، ج 2، ص 338، الحديث: 2307)

## يتيم جو مال کائڻ مان ڇا مُراد آهي؟

يتيم جو مال ناحق کائڻ ڪبيره گناھ ۽ سخت حرام آهي. قرآن پاڪ ۾ نهايت شدّت سان ان جي حرام هئڻ جو بيان ڪيو ويو آهي. افسوس جو ماڻهو ان جي بہ پرواھ نہ ڪندا آهن. عُمومًا يتيم ٻار پنهنجي چاچن وغيره جي ظلم و ستم جو شڪار ٿيندا آهن، انهن کي ان حوالي سان غور ڪرڻ گهرجي. هتي هڪ ٻئي اهم مسئلي جي طرف توجھ ڪرڻ ضروري آهي تہ يتيم جو مال کائڻ جو اهو مطلب

ناهي تہ ماڻهو باقاعده ڪنهن بُري نيت سان ڪائي تڏهن ئي حرام آهي بلڪ ڪيترين ئي صورتون اهڙيون آهن جو ماڻهو ڪي شَرعي احڪامن جو علم بہ ناهي هوندو ۽ اهو يتيمن جي مال ڪائڻ جي حرام فعل ۾ ملوّث ٿي ويندو آهي جيئن ميت جي وارثن ۾ ڪو يتيم آهي تہ ان جي مال مان يا ان جي مال سميت مُشترڪ مال مان بين ماڻهن جي لاءِ فاتِحہ، ٽيجهي وغيره جو ڪاڌو حرام آهي جو ان ۾ يتيم جو حق شامل آهي، تنهنڪري هي ڪاڌا صرف فقيرن جي لاءِ ناهڻ گهرجن ۽ صرف بالغ وارثن جي مال مان سندن اجازت سان تيار ڪيا وڃن نہ تہ جيڪو بہ ڄاڻڻ جي باوجود يتيم جو مال ڪائيندو اهو دوزخ جي باهہ ڪائيندو ۽ قيامت ۾ ان جي وات مان دونهون نڪرندو.

## وِراثتْ جي مال جي متعلق ٿيندڙ 8 عمومي غفلتون

ميراث جي شرعي احڪامن کان لاعلمي جي بنياد تي ۽ ڪڏهن ڪڏهن فڪرِ آخرت جي گهٽتائي ۽ اسلامي احڪامن تي عمل جو جذبو نہ هجڻ جي سبب وِراثتْ جي مال جي باري ۾ اسان جي معاشري ۾ ڪيترين ئي غفلتون ۽ ڪوتاهيون ڪيون وينديون آهن. هتي انهن مان 8 غفلتون بيان ڪجن ٿيون تہ جيئن مسلمان انهن جي طرف توجهہ ڪري اصلاح جي ڪوشش ڪري سگهن.

### پهرين غفلت: يتيم وارث جي مال مان ميت جي فاتحہ، نيازِ ٽيجهي وغيره جا خرچ ڪرڻ

**ڪنهن** شخص جو انتقال ٿيڻ تي ان کي ثواب پهچائڻ جي لاءِ وارث ٽيجهو، ڏهون، چاليهو، فاتِحہ ۽ نذرونياز جو اهتمام ڪندا آهن، هي سڀ چڱا ۽ باعثِ ثواب عمل آهن پر انهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن هن طرح غفلت ڪئي ويندي آهي تہ اُنهن معاملن ۾ ٿيڻ

وارا خرچ ميت جي ڇڏيل مال مان ڪيا ويندا آهن ۽ ان جي وارثن ۾ يتيم ۽ نابالغ ٻار بہ هوندا آهن ۽ انهن جي حصي مان بہ اهي خرچ ڪيا ويندا آهن، جڏهن تہ يتيمن يا ٻين نابالغ وارثن جي حصي مان هي ڪاڌا ناهي ماڻهن کي کارائڻ ناجائز ۽ حرام آهي بلڪ جيڪڏهن يتيم يا ڪو نابالغ وارث اجازت ڏئي بہ ڇڏي تڏهن بہ ان جو مال انهن ڪمن ۾ استعمال ڪرڻ جائز ناهي تنهنڪري نهايت ضروري آهي تہ اهڙي طرح جا ڪاڌا صرف بالغ وارثن جي رضامندي سان انهن جي حصي مان ڪيا وڃن، گڏوگڏ هي بہ ياد رکو تہ جنازي کان بعد جو ڪاڌو ۽ ٽيجهي جو ڪاڌو اسان وٽ عُرف ۽ رواج ۾ دعوتِ ميت جي طور تي هوندو آهي ۽ هي ڪاڌوصرف فقيرن جي لاءِ جائز آهي، مالدارن جي لاءِ نہ، تنهنڪري جيڪڏهن بالغ وارث بہ انهن ڪاڌن جو اهتمام ڪن تہ صرف فقيرن کي کارائين.

**نوٽ**: ايصالِ ثواب جي ثبوت جي متعلق معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ شيخِ طريقت، امير اهلسنّت باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا مُحَمّد الياس عطّار قادري رَضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي "**فاتحہ ۽ ايصالِ ثواب جو طريقو**" جو مطالعو فرمايو.

**ٻين غفلت**: **يتيم ۽ نابالغ جي حصي مان نامناسب اخراجات ڪرڻ**

**يتيم** ٻارن کي وِراثتّ مان جيڪو حصو ملندو آهي يا ان کان علاوه انهن جي پنهنجي ڪنهن جائز ڪمائي يا تُحفي جي ذريعي جيڪو مال انهن کي ملندو آهي ان کي خرچ ڪرڻ جي حوالي سان عام گهرن ۾ ڪيتريون ئي غفلتون ۽ ڪوتاهيون ڪيون وينديون آهن، جيئن يتيم ۽ نابالغ وارثن جو مال جدا نہ ڪندا آهن بلڪ سڀ سان گڏ ملائي رکندا آهن. انهيءَ مليل مال مان صَدَقو ۽ خيرات

ڪئي ويندي آهي، رشتيدارن ۾ غمي خوشيءَ جي موقعن تي ڏيڻ ونڻ هلي رهيو هوندو آهي، گهر ۾ اچڻ وڃڻ وارن مهمانن جي مهمان نوازي تي رهي هوندي آهي، ياءُ پيڻ جي شادي ۾ ۽ تعليم وغيره ۾ اهو ئي مال صَرف (خرچ) تي رهيو هوندو آهي. انهي مليل مال مان هي سڀ تصرّفات (خرچَ) ناجائز ۽ حرام آهن ڇو جو ان ۾ يتيم جو مال بہ شامل آهي جنهن ڪي ان معاملن ۾ خرچ ڪرڻ جائز ناهي، تنهنڪري عافيت انهيءَ ۾ آهي تہ يتيم ۽ نابالغ وارث جو حصو جدا ڪيو وڃي، ان ڪان بعد بين بالغ وارثن جي رضامندي سان انهن معاملن ۾ وِراثتّ جو مال خرچ ڪريو. يتيم جو مال گهر ياتين جي لاءِ مليل ڪاڏو ناهڻ ۽ ان سان ملندڙ جلندڙ شين ۾ ملائي ڇڏڻ جائز آهي، پر صَدَقو ۽ خيرات، مهمان نوازي ۽ رشتيدارن ۾ ڏيڻ ونڻ ۾ ڏيڻ هرگز جائز ناهي.

**ٽين غفلت: ڌيئرن ۽ ڀينرن ڪي ميراث مان حصو نہ ڏيڻ**

اسان جي مُعاشري ۾ ڌيئرن ۽ ڀينرن ڪي ميراث مان سندن حصو نہ ڏيڻ بہ عام ٿيندو پيو وڃي. حالانڪ پيءُ جي مال ۾ ڌيئرن جو حق قرآن مجيد جي نصِ قَطعِي مان ثابت آهي جنهن ڪي ڪو ختم نہ تو ڪري سگهي. ياد رهي تہ ڇوڪرين ڪي حصو نہ ڏيڻ حرامِ قطعي آهي، تنهنڪري جيڪڏهن والدين وصيّت وغيره جي ذريعي ڌيئرن ڪي سندن حصي کان محروم ڪري ڇڏيو يا پُٽن، ڀينرن ڪي حصو ڏيڻ جي بغير سمورو مال پاڻ ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو، يا انهن جو حصو ڪنهن غيرِ وارث ڪي ڏئي ڇڏيو تہ هي ضرور ظلم آهي ۽ اهڙن ماڻهن تي توبهہ سان گڏوگڏ ڌيئرن ۽ ڀينرن ڪي سندن حصو موٽائي ڏيڻ لازمي آهي ۽ انهن جو هي عُذر ڪرڻ غلط آهي تہ شادي ڌوم ڌام سان ڪئي هئي تنهنڪري اها ميراث جي حقدار نہ آهي.

**چوٿين غفلت: ڌيئرن ۽ ڀينرن کان وِراثت جو حصو معاف ڪرائي ڇڏڻ**

وِراثتَ هڪ اهڙو مالي حق آهي جيڪو لازمي طور تي وارث جي ملڪيت ۾ اچي ويندو آهي، اهو ان کي هر صورت ۾ ونڊو ئي آهي، نہ ان کي معاف ڪري سگهجي ٿو ۽ نہ ئي ان کان معاف ڪرائي سگهجي ٿو. اسان وٽ ڪڏهن ڪڏهن وِراثتَ جون حقدار عورتون جيئن ڌيئرون ۽ ڀينرون پنهنجو حصو ونڊ بغير معاف ڪري ڇڏينديون آهن ۽ ڪڏهن ٻيا رشتيدار انهن کي پنهنجو حصو معاف ڪرڻ لاءِ چوندا ۽ ان تي زور ڏيندا آهن. هي ٻئي صورتون غلط آهن، معاف ڪرڻ يا ڪرائڻ سان انهن جو حصو معاف نہ ٿيندو، مَردن تي لازم آهي تہ اهي حقدار عورتن کي سندن حصو ڏين ۽ عورتن تي لازم آهي تہ اهي پنهنجو حصو پنهنجي قبضي ۾ ونن ۽ پوءِ جيڪڏهن پنهنجي وِراثتَ جي حصي تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ ڪنهن ظلم، نفرت ۽ زورزبردستي جي بغير فقط پنهنجي خوشي سان ڪنهن ٻئي وارث کي پنهنجو حصو ڏيڻ چاهين تہ ان جو اختيار انهن کي حاصل آهي.

**پنجين غفلت: بيوه ٻي شادي ڪري وٺي تہ ان کي پهرين خاوند جي ميراث مان حصو نہ ڏيڻ**

جيڪا عورت مڙس جي انتقال جي وقت ان جي نڪاح يا ان جي عدت ۾ هجي اها پنهنجي مڙس جي وارث آهي، پوءِ جيڪڏهن هوءَ عدت پوري ٿيڻ کان پوءِ ٻي شادي ڪري وٺي تڏهن بہ ان جو حقِ وِراثتَ باقي رهندو آهي، ختم ناهي ٿيندو. اسان وٽ ٻي شادي ڪري وٺڻ جي سبب بيوه کي ان جو حصو نہ ڏنو ويندو آهي، هي حڪمِ الٰهي جي صريح (صاف) خلاف ورزي ۽ ناجائز ۽ حرام آهي ۽ ان کان بچڻ هر مسلمان تي لازم آهي.

**ڇهين غفلت**: زندگي ۾ والدين کان ملڪيت تقسيم ڪرڻ جو جبري مطالبو ڪرڻ

زندگي ۾ هر شخص پنهجي مال ۽ ان ۾ تصرّف (استعمال) ڪرڻ جو مالڪ آهي، اهو جنهن کي جيترو چاهي ڏئي سگهي ٿو چو تہ هي ڏيڻ ميراث ناهي، وِراثتّ تہ مرڻ کان بعد تقسيم ٿيندي آهي، پر جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي زندگي ۾ اولاد ۾ پنهنجو مال تقسيم ڪرڻ چاهي تہ سيني پُٽن ۽ ڌِيئرن کي برابر برابر ڏيڻ افضل آهي ۽ جيڪڏهن اولاد ۾ ڪو علمِ دين سکڻ ۽ ديني خدمت ۾ مشغول آهي تہ ان کي ٻين کان وڌيڪ ڏئي سگهجي ٿو. اسان وٽ اولاد پنهنجي والدين کي ان ڳالهہ تي مختلف طريقن سان مجبور ڪندي آهي تہ هو پنهنجي زندگي ۾ ملڪيت تقسيم ڪري ڇڏين، انهن جو هي زبردستي مطالبو ناجائز آهي چو تہ هي والدين جي دل آزاري جو سبب آهي جيڪو ناجائز ۽ گناهہ آهي.

**ستين غفلت**: والدين کي اولاد جي وِراثتّ مان حصو نہ ڏيڻ

اولاد جي انتقال جي وقت جيڪڏهن والدين مان ڪو هڪ يا ٻئي زندهہ آهن تہ اهي بہ پنهنجي اولاد جا وارث آهن ۽ ان جي ميراث مان حصو حاصل ڪندا. اسان وٽ ڪيترين جڳهن تي هي سمجهيو ويندوآهي تہ اولاد تہ والدين جي مال ۾ حصيدار هوندي آهي پر والدين اولاد جي مال ۾ حصيدار ناهن هوندا. هي ڳالهہ واضح طور تي غلط ۽ قرآن و حديث جي خلاف آهي. هڪ ٻي غفلت ان صورت ۾ هي آهي تہ ماءُ يا پيءُ کي وارث تہ سمجهيو ويندو آهي پر وِراثتّ انهن کي نہ ڏني ويندي آهي. والدين جيڪڏهن فوري مطالبو نہ ڪن تہ انهن کي فوري ڏيڻ ضروري ناهي پر عمومًا اهڙي طرح نہ ڏيڻ جو نتيجو آخرڪار مڪمل طور تي محروم ڪري ڇڏڻ جي

صورت ۾ ئي نڪرندو آهي يعني والدين کي بلڪل ئي وِراثتَ نہ ڏني ويندي آهي.

## اٺين غفلت: پيءُ جي ٻي گهرواريءَ کي حصو نہ ڏيڻ

جڏهن پيءُ جي وِراثتَ تقسيم ڪئي ويجي تہ ان ۾ سندس هر گهرواريءَ جو حصو هوندو آهي چاهي هو اولاد جي لاءِ حقيقي ماءُ جي جڳهہ ماٽيلي ماءُ هجي جو جو ماٽيلي ماءُ هئڻ تہ اولاد جي لحاظ کان آهي، جڏهن تہ مڙس جي لحاظ کان تہ ان جي زال ئي آهي ۽ زال جو وِراثتَ ۾ حصو هوندو آهي. اسان وٽ ميراث تقسيم ڪرڻ وقت ڪڏهن ڪڏهن پيءُ جي ٻين زالن يعني ماٽيلي مائرن کي وِراثتَ جي حق کان محروم ڪيو ويندو آهي حالانڪ هو بہ زال جي حيثيت سان ٻي زال يعني ٻارن جي حقيقي ماءُ وانگر وِراثتَ جي حقدار آهي.

مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين کي سامهون رکندي سڀني مسلمانن کي گهرجي تہ وِراثتَ جي مال کي قرآن ۽ حديث جي بيان ڪيل حصن جي مطابق انهن جي مستحقن (حقدارن) ۾ تقسيم ڪن. ۽ وِراثتَ جي تقسيم ۾ هرگز هرگز تاخير نہ ڪن بلڪ جيتري قدر جلدي ٿي سگهي هر شخص کي ان جو حصو ڏئي ڇڏين تہ جيئن هو پنهنجي مرضي جي مطابق ان کي استعمال ڪري سگهي، ميراث جي تقسيم ۾ دير ڪرڻ جي سبب وقت گذرڻ سان گڏوگڏ مشڪلاتون وڌنديون وينديون آهي، نسل در نسل ميراث تقسيم نہ ڪرڻ سان عام طور تي اهو ٿيندو آهي تہ ميراث ڪيترن ئي پيڙهين تائين اهڙن ماڻهن جي تصرّف ۽ استعمال ۾ رهندي آهي جن جو ان تي ڪو حق نہ ٿو هجي پر ان جي باوجود ان مان اُهي نفعو حاصل ڪري رهيا هوندا آهن جڏهن تہ ان جي مال جا حقيقي مالڪ ويچارا نہ صرف پريشان حال هوندا آهن بلڪ پنهنجي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ ماڻهن

جي سامهون قرض وغيره جي لاءِ سُوال ڪري رهيا هوندا آهن ۽ شايد ان اميد ۾ رهندا آهن تہ ڪڏهن تي وِراثتّ تقسيم ٿئي ۽ اسان کي پنهنجو حصو ملي. پر افسوس! تقسيم کان بعد بہ انهن جي اميد پوري نہ ٿيندي آهي ڇو جو ڪڏهن تقسيم جو وارو ايندو بہ آهي تہ ان وچ ۾ وڏيڪ ڪيترن ئي وارثن جي انتقال جي سبب مالِ وِراثتّ صحيح طور تي تقسيم نہ ٿي سگهندو آهي جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي حقدار پنهنجي حق کان محروم رهجي ويندا آهن ۽ انهن جو مال غير مستحق ماڻهن جي هٿن ۾ هليو ويندو آهي. تنهنڪري عافيت انهيءَ ۾ آهي تہ اسلام جي ڏنل احڪامن جي مطابق جلد از جلد ميراث جو مال تقسيم ڪيو وڃي. اللّٰہ تعالٰي کان دعا آهي تہ اسان کي ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمين.

## ميراث جي متعلق شَرعي احڪامات

**سوال:** ڪنهن مسلمان جي انتقال کان پوءِ ان جي ڇڏيل مال ۽ اسباب جي متعلق شريعت جا احڪام ڇا آهن؟

**جواب:** جڏهن ڪنهن مسلمان جو انتقال ٿي وڃي تہ ان جي مال ۽ اسباب جي متعلق شريعت چار احڪام ڏنا آهن.

(1) سڀ کان پهرين ميت جي مال مان سنّت جي مطابق ان جي تجهيز، تڪفين ۽ تدفين (يعني غسل، ڪفن ۽ دفن) جو انتظام ڪيو وڃي.

(2) پوءِ جيڪو مال بچي وڃي ان مان ميت جو قرض ادا ڪيو وڃي، زال جو حق مهر ادا نہ ڪيو هجي تہ اهو بہ قرض شمار ٿيندو.

(3) هاڻي جيڪڏهن ميت ڪا جائز وصيّت ڪئي هجي تہ ان کي قرض ادا ڪرڻ بعد مال جي ٽئين حصي مان پورو ڪيو وڃي، ها جيڪڏهن سڀ وارث بالغ هجن ۽ سڀ جا سڀ ٽئين حصي کان وڌيڪ مان وصيّت پوري ڪرڻ جي اجازت ڏين تہ وڌيڪ مال مان وصيّت پوري

ڪرڻ جائز آهي نہ تہ جيترا وارث اجازت ڏين انهن جي حصي جي لحاظ کان وصيّت تي عمل ٿي سگهي ٿو.

(4) وصيّت پوري ڪرڻ کان پوءِ جيڪو مال بچي وڃي ان کي شرعي حصن جي مطابق وارثن ۾ تقسيم ڪيو وڃي.

(بهارِ شريعت، حصہ بستم، وِراثت کا بیان، ج 3، ص 1111- 1112 ملخصًا)

**سوال**: ميت جي ڇڏيل مال جا وارث ڪير ڪير آهن ۽ هر وارث جو ڪيترو حصو آهي؟

**جواب**: ميت جي ڇڏيل مال ۽ اسباب جا وارث قرآن ۽ حديث ۾ بيان ڪيا ويا آهن پر انهن ۾ مختلف ماڻهن جا حصا مختلف آهن ۽ ايئن ئي مختلف ماڻهو ٻين تي مُقدم هوندا آهن جيئن پيءُ ۽ ڌيءَ جا حصا مختلف آهن ۽ پُٽ کي پوٽي تي مقدم رکيو ويو آهي يعني پٽ جي هوندي پوٽو وِراثتَ جو مستحق ناهي. تنهنڪري جڏهن وِراثتَ جو مسئلو پيش اچي تہ علمِ ميراث جي ماهر سُنّي عالم کان باقاعده معلوم ڪري عمل ڪيو وڃي.

**سوال**: جيڪڏهن مڙس، زال جو حق مهر ادا نہ ڪيو ۽ مڙس جو انتقال ٿي ويو تہ هاڻي زال جو حق مهر ڪٿان ادا ڪيو ويندو؟ ۽ جيڪڏهن زال جو انتقال ٿي ويو تہ مڙس هي حق مهر ڪنهن کي ادا ڪندو؟

**جواب**: جيڪڏهن مڙس زندگيءَ ۾ زال جو حق مهر ادا نہ ڪيو ۽ نہ ئي عورت پنهنجي خوشي سان مهر معاف ڪيو تہ ان صورت ۾ مڙس جي ميراث مان زال جو حق مهر ادا ڪيو ويندو ۽ جيئن تہ حق مهر قرض آهي تنهنڪري ڪفن دفن جي خرچن کان پوءِ جڏهن تہ وصيّت پوري ڪرڻ ۽ وارثن ۾ تقسيم کان پهرين زال جو حق مهر ادا ڪيو ويندو ۽ ان معاملي ۾ اسان جي معاشري ۾ جيڪو هي طريقو رائج آهي تہ ميت تي هٿ رکرائي عورت کان زبردستي مهر معاف ڪرايو ويندو آهي هي بلڪل غلط آهي، ان جي نہ ڪا شرعي

حيثيت ۽ نہ ئي اهڙي طرح معاف ڪرائڻ سان حق مهر معاف ٿيندو آهي. رهي هي ڳالهہ تہ جيڪڏهن مهر ادا ڪرڻ کان پهرين زال جو انتقال ٿي وڃي تہ ان صورت ۾ حق مهر جي رقم زال جي تمام وارثن جي درميان انهن جي حصن جي مطابق تقسيم ٿيندي جنهن ۾ خود مڙس بہ حصيدار ٿيندو.

**سوال:** وصيّت ڪرڻ جو شرعي حڪم ڇا آهي؟ ۽ ڪيتري مال جي وصيّت ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** وصيّت ڪرڻ جو شرعي حڪم هي آهي تہ جيڪڏهن مرڻ واري جي ذمي ڪنهن قسم جا "حقوقُ الله" باقي نہ هجن تہ وصيّت ڪرڻ مستحب آهي، ۽ جيڪڏهن ان تي حُقوقُ الله جي ادائيگي باقي هجي جيئن ان جي ذمي ڪجهہ نمازن جو ادا ڪرڻ باقي هجي ، يا حج فرض هئڻ جي باوجود ادا نہ ڪيو هجي، يا ڪجهہ روزا ڇڏيا هئا اهي نہ رکيا هجن، تہ ان صورت ۾ واجب آهي تہ انهن شين جو فديو ڏيڻ جي لاءِ وصيّت ڪري. ميت تي مالي حُقوقُ العباد جيئن ماڻهن جو قرض هجي تہ ان کي وصيّت ۾ ان لاءِ ذڪر نہ ڪيو جو وِراثتَ جي تقسيم ۾ وصيّت کان پهرين قرضن جي ادائيگي جو جدا نموني سان حڪم موجود آهي يعني مال ڇڏي ڪري مرڻ وارو قرضن جي ادائيگي جي وصيّت ڪري يا نہ ڪري هر صورت ۾ قرض ادا ڪيو ويندو.

مستحب هي آهي تہ انسان پنهنجي مال جي ٽئين حصي کان گهٽ جي وصيّت ڪري چاهي وارث مالدار هجن يا فقير، البتہ جنهن وٽ ٿورو مال هجي ان جي لاءِ افضل هي آهي تہ وصيّت نہ ڪري جڏهن تہ ان جا وارث موجود هجن ۽ جنهن شخص وٽ گهڻو مال هجي اهو بہ ٽئين حصي کان وڌيڪ وصيّت نہ ڪري.

www.dawateislami.net

**سوال**: ڇا ڪنهن وارث جي لاءِ وصيّت ڪرڻ جائز آهي جيئن ڪو شخص پنهنجي پُٽ جي لاءِ ئي وصيّت ڪري؟

**جواب**: وارثن جي لاءِ وصيّت ڪرڻ جائز ناهي جيئن تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: وارث جي لاءِ ڪا وصيّت ناهي پر هي تہ وارث چاهين.

(دارقطني، ڪتاب الفرائض والسير وغيرذلک، ج 4، ص 113، الحديث: 4108)

البتہ جيڪڏهن ڪنهن پنهنجي وارث جي لاءِ وصيّت ڪئي ۽ ٻيا سڀ وارث بالغ هجن ۽ اهي اجازت بہ ڏئي ڇڏين تہ وارث جي لاءِ وصيّت جائز ۽ نافذ ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن وارثن ۾ بالغ ۽ نابالغ سڀ شامل آهن ۽ ڪجھ وارث اجازت ڏين تہ اجازت ڏيڻ وارن مان جيڪي بالغ آهن صرف انهن جي حصن مان هي وصيّت جائز ۽ نافذ ٿي ويندي جڏهن تہ يتيم وارث ۽ نابالغ وارث ۽ اجازت نہ ڏيڻ وارن بالغ وارثن جي حصن مان هي وصيّت جائز ۽ نافذ نہ ٿيندي.

(فتاوي رضويہ ج 25، ص332، ملخصًا)

**سوال**: ڇا سَس سُهري جي ملڪيت ۾ نياڻي (ناني) يا نُنهن جو حصو هوندو آهي؟

**جواب**: سَس سُهري جي ملڪيت ۾ نياڻو (ناني) يا نُنهن پنهنجي ان رشتي جي ڪري ڪهڙي بہ طرح وارث نہ آهن. ها جيڪڏهن ڪنهن ٻئي رشتي جي طور تي وارث بڻجن تہ ممڪن آهي مثلًا نياڻو، ڀائٽيو هجي ۽ ٻيا مقدم وارث (يعني پُٽ، ڌيءُ وغيره) نہ هجن تہ هاڻي اهو ئي وارث هوندو.

جيئن تہ **فتاوٰي رضويہ** ۾ آهي: نياڻو (ناني) يا سُهرو هئڻ اصلًا ڪو حقِ وِراثتَ ثابت نہ ٿو ڪري سگهي چاهي ٻيا وارث موجود هجن يا

نہ هجن ها جيڪڏهن ٻيو رشتو آهي تہ ان جي ذريعي وِراثتً ممڪن آهي مثلاً نياڻو ڀائٽيو آهي سُهرو چاچو آهي تہ ان سبب سان وِراثتً ممڪن آهي. هڪ شخص مري ۽ بہ وارث ڇڏي هڪ ڏيءَ ۽ هڪ ڀائٽيو جو اهو ئي ان جو نياڻو آهي تہ نياڻي ڪي برادرزادگي جي ڪري اڌ مال ملندو ۽ جيڪڏهن اجنبي (ڌاريو) آهي تہ سمورو مال ڏيءَ کي ملندو نياڻي (ناني) جو ڪجھ ناهي. وَاللهُ تَعَالٰی اَعْلَم (فتاوي رضويہ، ج 26، ص 331)

**سوال**: هنج ورتل ٻارپنهنجي پرورش ڪرڻ واري جو وارث هوندو آهي يا نہ؟

**جواب**: اسلامي اعتبار سان هنج ورتل ٻار پنهنجي حقيقي والدين جو وارث ٿيندو جڏهن تہ پرورش ڪرڻ واري جو وارث نہ ٿيندو. امامِ اهلسنّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مُتَبَنّيٰ (يعني هنج ورتل ٻار) هئڻ شرعًا ميراث ۾ ڪو استحقاق (حق) پيدا نہ ٿو ڪري ۽ جيڪڏهن هي مُراد آهي تہ ان صورت ۾ زيد پنهنجي حقيقي والده يا والد جي ميراث ۾ حصيدار آهي يا نہ، تہ جواب هي آهي تہ بيشڪ حصيدار آهي (ڇو جو ڪنهن جو ان کي پنهنجو پُٽ ڪرڻ حقيقي والدين جي پُٽ هئڻ کان خارج نہ ٿو ڪري. (فتاوي رضويہ، ج 26، ص 84 ملخصًا)

**سوال**: ڇا زبان سان چيل پُٽ، پيءُ ، ڀاءُ وغيرها بہ وارث هوندا آهن؟

**جواب**: امامِ اهلسنّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه انهيءَ طرح جي هڪ سُوال جو جواب ڏيندي ارشاد فرمائن ٿا: زبان سان چيل پُٽ نہ اهڙي شخص جو پُٽ هوندو آهي ۽ نہ ئي پنهنجي پيءُ کان بي تعلق ٿيندو آهي ڇو جو حقيقتون تبديل ناهن ٿينديون. شرعي طور تي اهو پنهنجي پيءُ جو وارث آهي نہ ان شخص جو جنهن ان کي زبان سان چيل پُٽ بڻايو آهي. جيڪڏهن ٻيو شخص چاهي تہ زبان سان چيل پُٽ جي حق ۾

www.dawateislami.net

وصيّت ڪري ڇڏي تہ جيئن ان جو مال ان جي زبان سان چيل پُٽ جي هٿ ۾ اچي وڃي ۽ هي وِراثتَ نہ ٿيندي. خبردار! وارث جي لاءِ وصيّت ناهي ٿيندي، ۽ ڪنهن جو زبان سان چيل پُٽ ٿي وڃڻ ان جي لاءِ پيءُ جي ميراث ۾ مانعِ ناهي ٿيندو. (فتاوي رضويہ، ج 26، ص 179 ملتقطًا)

**سوال**: والدين جي زندگي ۾ جيڪو پُٽ يا ڌيءَ فوت ٿي وڃي، ان جو حصو ٿيندو يا نہ؟

**جواب**: شرعي اعتبار سان ڪنهن شخص جي انتقال جي وقت ان جا زنده وارث ئي ميراث جا وارث ٿيندا آهن تنهنڪري جيڪو پُٽ يا ڌيءَ پنهنجي والدين جي زندگي ۾ ئي هن فاني دنيا مان رخصت ٿي وڃي تہ ان جو والدين جي مال ۾ ڪو حصو نہ ٿيندو البتہ جيڪڏهن والدين جي انتقال کان پوءِ ۽ ميراث تقسيم ٿيڻ کان پهرين ڪنهن وارث جو انتقال ٿي وڃي تہ ان صورت ۾ اهو وارث ٿيندو ۽ ان جو حق ان جي وارثن جي مابين (درميان) تقسيم ٿيندو.

**سوال**: ڇا ماٽيلي ڀينرن ڀائرن جو بہ وِراثتَ ۾ حصو ٿيندو آهي؟

**جواب**: ان ۾ تفصيل هي آهي تہ جيڪڏهن اهي هڪ طرف کان ماٽيلا آهن جيئن پيءُ جي طرف کان ڀاءُ ڀيڻ آهن جيڪي ٻي عورت مان پيدا ٿيا جنهن کي ”عَلّاتي“ چيو ويندو آهي يا فقط ماءُ جي طرف کان ڀيڻ ڀاءُ آهن جيڪي ڪنهن ٻئي مڙس جي ذريعي پيدا ٿيا جنهن کي ”اَخْيَافي“ چيو ويندو آهي تہ هي پنهنجي شرطن جي ذريعي وارث هوندا آهن جڏهن تہ ٻنهي طرفن کان ماٽيلا هجن جو نہ ئي پيءُ جي طرف کان ۽ نہ ئي ماءُ جي طرف کان تہ اُهي ڀاءُ ڀيڻ جي رشتي جي اعتبار (لحاظ) کان وارث نہ آهن.

**سوال**: ڇا ڏاڏي جي ملڪيت ۾ پوٽي جو حصو هوندو آهي؟

www.dawateislami.net

**جواب**: جيڪڏهن ڪنهن شخص جو انتقال ٿيو ۽ ان جي اولاد زنده ناهي، پوٽو زنده آهي تـ اهو پنهنجي ڏاڏي جي ملڪيت جو وارث ٿيندو البتـ جيڪڏهن ميت جو پُٽ ۽ پوٽو ٻئي زنده آهن تـ هاڻي پوٽو پنهنجي ڏاڏي جي ملڪيت جو وارث نـ ٿيندو. اهڙي صورت ۾ وارث ڪي گهرجي تـ پنهنجي حصي مان ڪجهه مال ان کي ڏئي ڇڏي. اللّٰه تعالٰي ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اِذَا حَضَرَ الْقِسْمَةَ اُولُوا الْقُرْبٰى وَ الْیَتٰمٰى وَ الْمَسٰكِیْنُ فَارْزُقُوْهُمْ مِّنْهُ وَ قُوْلُوْا لَهُمْ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا (النساء: 8)

**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ جيڪڏهن ورهاست وقت مائٽ ۽ يتيم ۽ مسڪين اچي وڃن تـ انهيءَ مان انهن کي بـ ڪجهه ڏيو ۽ انهن سان سٺي ڳالهه ڪريو.

هن حڪم تي عمل ڪرڻ ۾ مسلمانن ۾ ڪافي سستي ڏني ويندي آهي بلڪ هن حڪم جو علم ئي نـ هوندو آهي البتـ هي ياد رهي تـ نابالغ ۽ غير موجود وارث جي حصي مان ڏيڻ جي اجازت ناهي.

**سوال**: تمام گهڻا ماڻهو پنهنجي نافرمان اولاد کي پنهنجي ملڪيت کان عاق ڪرڻ جي وصيّت ڪندا آهن ان جي شرعي حيثيت ڇا آهي؟

**جواب**: جيڪو شخص ڪنهن شرعي عذر جي بغير پنهنجي ماءُ پيءُ جو جائز حڪم نـ مڃي يا مَعَاذَ اللّٰه کين ايذاء پهچائي اهو درحقيقت عاق ۽ شديد وعيدن جو مستحق آهي جيتوڻيڪ والدين ان کي عاق نـ ڪن بلڪ گهڻي محبت جي ڪري دل ۾ ناراض بـ نـ هجن. جڏهن تـ ڪو شخص پنهنجي والدين جي فرمانبرداري ۾ مصروف رهي پر والدين ڪنهن شرعي عُذر جي بغير ناراض رهن يا اهو ڪنهن خلافِ شرَعَ ڳالهه ۾ پنهنجي والدين جو چيو نـ مڃي ۽ ان جي سبب والدين ناخوش هجن تـ اهو شخص هرگز عاق ناهي. شرعي حڪم هي آهي تـ ڪو شخص عاق ٿيڻ جي ڪري ماءُ پيءُ جي ميراث کان محروم نـ ٿو ٿي سگهي چاهي والد لک ڀيرا پنهنجي فرمانبردار يا نافرمان پُٽ

ڪي چوي تہ مون توکي عاق ڪيو يا پنهنجي ميراث کان محروم ڪري ڇڏيو، نہ ان جو ھي چوڻ ڪو نئون اثر پيدا ڪري سگهي ٿو نہ ھو ان بنياد تي ڪو ميراث کان محروم ٿي سگهي ٿو. البتہ جيڪڏهن اولاد فاسق ۽ فاجر آھي ۽ گمان آھي تہ انتقال کان پوءِ ھو ان جي مال کي بدڪاري ۽ شراب نوشي وغيره بُرائين ۾ خرچ ڪري ڇڏيندو تہ ان صورت ۾ زندگي ۾ فرمانبردار اولاد کي سمورو مال ڏئي ڪري ان تي قبضو ڏياري ڇڏڻ يا ان جڳھ کي ڪنهن نيڪ ڪم جي لاءِ وقف ڪري ڇڏڻ جائز آھي جو ھي حقيقت ۾ ميراث کان محروم ڪرڻ ناھي بلڪ پنهنجي مال ۽ پنهنجي ڪمائي کي حرام ۾ خرچ ڪرڻ کان بچائڻ آھي.

**سوال**: زال جي موت کان بعد ڏاج جو حقدار ڪير ٿيندو؟

**جواب**: عرفِ عام جي مطابق ڏاج جي مالڪ عورت ھوندي آھي تنهنڪري ان جي انتقال کان پوءِ ڏاج جو سامان ان جي وارثن ۾ شرعي حصن جي مطابق تقسيم ٿيندو جنهن ۾ سندس مڙس بہ شامل آھي.

**سوال**: زندگي ۾ پنهنجي ڪا ملڪيت جيڪڏھن ڪنهن وارث يا غير وارث جي نالي ڪرائي ڇڏي پر ان تي قبضو نہ ڏياريو ۽ انتقال ٿي ويو تہ ھاڻي ان ملڪيت جو مالڪ ڪير؟

**جواب**: ملڪيت ڪنهن جي نالي ڪرڻ تحفو آھي ۽ شريعت ۾ تحفي جي لاءِ ان تي قبضو ضروري آھي، تنهنڪري بغير قبضي جي تحفي ڏيڻ جو عمل شرعي اعتبار سان مڪمل ناھي ٿيندو تنهنڪري جيڪڏھن ڪنهن شخص پنهنجي زندگي ۾ ڪو مال يا ملڪيت زباني يا تحريري طور تي ڪنهن جي نالي ڪئي، پر تحفي وٺڻ واري ان تي قبضو نہ ڪيو تہ تحفو مڪمل نہ ٿيندو بلڪ اھا شيءِ تحفي ڏيڻ واري جي ملڪيت ۾ باقي رھندي ۽ قبضي کان پھرين جيڪڏھن انهن مان

ڪنهن هڪ جو انتقال ٿي ويو تہ هي تحفو باطل ٿي ويندو ۽ تحفو ڏيڻ واري جي موت کان پوءِ ۾ ان جي وارثن ۾ ئي تقسيم ٿيندو.
**قبضي** مان ڇا مُراد آهي؟ ۽ ڪهڙي صورت ۾ ڪيئن **قبضو** ڪيو ويندو آهي، انهن مسئلن ۾ ڪافي تفصيل آهي تنهنڪري انهن مسئلن جي لاءِ ڪنهن مُستَنَد سُنّي دارالافتاء ۾ رابطو ضرور ڪريو.
**سوال**: والد جي انتقال کان پوءِ وارثن مان ڪجھ فرد والد جو ڪاروبار سنڀاليندا آهن تہ ڇا سڀ وارث ان ڪاروبار ۽ ان جي نفعي ۾ حصيدار ٿيندا يا صرف ڪاروبار ڪرڻ وارا؟
**جواب**: ميراث جي مال ۾ سڀ وارث بطورِ شرڪتِ مال (يعني پنهنجي حصي جي مقدار جي مطابق) شريڪ آهن سڀني وارثن جي اجازت سان ڪاروبار سنڀالڻ جي صورت ۾ هر وارث پنهنجي حصي جي مطابق ڪاروبار جي نفعي ۽ نقصان جو حقدار ٿيندو ۽ جيڪڏهن ڪجھ وارثن ٻين وارثن جي اجازت جي بغير ڪاروبار سنڀاليو ۽ مزيد اڳيان وڌايو تہ اصل مال جيڪو ميت جي انتقال جي وقت ڪاروبار ۾ هيو ان ۾ تہ هر وارث پنهنجي حصي جي مقدار جو مالڪ هوندو پر ان مال مان حاصل ٿيندڙ نفعي جي باري ۾ شرعي حڪم هي آهي تہ ان نفعي ۾ ٻيا وارث شريڪ نہ ٿيندا بلڪ هي نفعو صرف انهن فردن جو آهي جن ڪاروبار ڪي وڌائي ڪري نفعو حاصل ڪيو البتہ انهن جي لاءِ صرف پنهنجي حصي جي مطابق نفعو ڪٽڻ حلال آهي ۽ ٻين وارثن جي حصن جي مطابق حاصل ٿيل نفعو انهن جي حق ۾ مالِ خبيث آهي انهن کي گهرجي تہ پنهنجن حصن کان وڌيڪ نفعو ٻين وارثن کي انهن جي حصن جي مطابق ڏين يا خيرات ڪن، پنهنجي خرچ ۾ نہ آڻين. اهو ئي حڪم مَتروڪ (ڇڏيل) ملڪيت وغيره جي ڪراين جو بہ آهي. (فتاويٰ رضويہ، 131/26، ملخصاً)

## فهرست


| عنوان | صحفو |
|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 |
| مالِ وِراثت ۾ خيانت نہ ڪريو | 1 |
| ميراث جي تقسيم ۾ دينِ اسلام جو اعزاز | 2 |
| ميراث جي تقسيم ۾ هن زماني جي مُسلمانن جو حال | 3 |
| دين اسلام ۾ ميراث جا احڪام | 4 |
| ميراث جي تقسيم جي اهميت | 6 |
| ميراث جي متعلق بُزُرگانِ دين جون احتياطون | 7 |
| وِراثتؔ جي مال جو ڏيئو وسائي ڇڏيو | 7 |
| وِراثتؔ جي مال جو تڏو استعمال ڪرڻ کان منع ڪري ڇڏيو | 7 |
| وِراثتؔ جي مال جو تڏو استعمال ڪرڻ واري کي تنبيه | 8 |
| مُون پنهنجي اولاد کي پين جو حق ناهي ڏنو | 8 |
| پنهنجي مال جي متعلق هڪ شرعي حڪم | 9 |
| ميراث جي تقسيم جا 7 فائدا ۽ برڪتون | 10 |
| ميراث جي تقسيم نہ ڪرڻ جا 7 نقصان | 11 |
| مالِ وِراثتؔ جي تعلق سان ٽيڻ وارا 5 وڏا | 12 |
| پهريون گناهہ: وصيّت جي ذريعي وارثن کي محروم ڪرڻ | 12 |
| پهرين وعيد: وصيّت جي ذريعي وارث کي نقصان پهچائڻ وارو جهنّم جي باهہ | 13 |
| پين وعيد: پنهنجي وصيّت ۾ خيانت ڪرڻ بُري خاتمي جو سبب آهي | 13 |
| پيون گناهہ: مستحق وارث کي ان جو حصو نہ | 14 |
| مِيراث کان محروم ڪرڻ جون وعيدون | 14 |
| ٽيون گناهہ: پين جي وِراثتؔ دبائڻ مالِ حرام حاصل ڪرڻ آهي | 15 |
| حرام مال حاصل ڪرڻ ۽ ان کي کائڻ جون 4 وعيدون | 15 |
| پهرين وعيد:مالِ حرام مان صدقو قبول ناهي ۽ انکي ڇڏي مرڻ جهنّم ۾ داخل | 16 |
| پين وعيد: حرام غذا تي پلجڻ واري جسم تي جنت حرام آهي | 16 |
| ٽين وعيد: حرام لَقمو کائڻ واري جا 40 ڏينهن جا عمل مقبول ناهن | 16 |
| چوٿين وعيد: حرام کائڻ پيئڻ واري جي دُعا قبول ناهي ٿيندي | 17 |
| چوٿون گناهہ: وارث جي مال تي قبضو | 17 |
| مسلمان جو مال ناحق غصب ڪرڻ (قبائڻ) | 17 |
| پهرين وعيد: غاصب (ناجائز قبضو ڪندڙ) کي بروزِ قِيامت ست زمينن جو طَوق پارايو | 18 |
| پين وعيد: غاصب جا فرائض ۽ نفل قبول | 18 |


www.dawateislami.net

| | |
|---|---|
| ٽين وعيد: غاصب قيامت جي ڏينهن ڪوڙهي ٿي بارگاہِ الٰهي ۾ حاضر ٿيندو | 18 |
| پنجون گناھہ: يتيم وارثن کي انهن جي حصي کان محروم ڪري ڇڏڻ | 18 |
| يتيم جو مال ناحق کائڻ جون 4 وعيدون | 19 |
| پهرين وعيد: بطورظلم يتيمن جو مال کائڻ وارا پيٽڪندڙباھہ ۾ ويندا | 19 |
| ٻين وعيد: يتيم جو مال ناحق کائڻ واري جي وات مان باھہ نڪري رهي هوندي | 19 |
| ٽين وعيد: يتيمن جو مال ظلمًا کائڻ وارن | 20 |
| چوٿين وعيد: يتيم جو مال ناحق کائڻ وارو جنت ۽ ان جي نعمتن کان محروم | 20 |
| يتيم جو مال کائڻ مان ڇا مُراد آهي؟ | 20 |
| وِراثتَ جي مال جي متعلق ٿيندڙ 8 عمومي | 21 |
| يتيم وارث جي مال مان ميت جي فاتحہ، نياز ۽ ٽيجهي وغيره جا خرچ ڪرڻ | 21 |
| يتيم ۽ نابالغ جي حصي مان نامناسب اخراجات ڪرڻ | 22 |
| ڌيئرن ۽ ڀينرن کي ميراث مان حصو نہ ڏيڻ | 23 |
| ڌيئرن ۽ ڀينرن کان وِراثتَ جو حصو معاف ڪرائي ڇڏڻ | 24 |
| بيوہ ٻي شادي ڪري وٺي تہ ان کي پهرين خاوند جي ميراث مان حصو نہ ڏيڻ | 24 |
| زندگي ۾ والدين کان ملڪيت تقسيم ڪرڻ جو جبري مطالبو ڪرڻ | 25 |
| والدين کي اولاد جي وِراثتَ مان حصو نہ | 25 |
| پيءُ جي ٻي گهرواريءَ کي حصو نہ ڏيڻ | 26 |
| ميراث جي متعلق شَرعي احڪامات | 27 |


## ثُلُث مال جي وصيت

حضرت سيدنا سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي بيماري ۾ عيادت جي لاءِ تشريف کڻي آيا، پاڻ فرمايائون تہ ڇا تون وصيت ڪئي آهي؟ مون عرض ڪيو: جي ها، حضور (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) فرمايو: ڪيتري مال جي وصيت ڪَئي؟ مون عرض ڪيو: راھِ خدا ۾ پنهنجي سڄي مال جي، حضور (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) فرمايو: پنهنجي اولاد جي لاءِ ڇا ڇڏيئي؟ مون عرض ڪيو: اُهي غني يعني صاحبِ مال آهن، تہ سرڪار (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) فرمايو: ڏهين حصي جي وصيت ڪر. تہ مان برابر گهٽ ڪندو رهيس ايستائين جو نبي اڪرم (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) فرمايو: ثُلُث مال (يعني مال جي ٽئين حصي) جي وصيت ڪر ۽ ثُلُث مال گهڻو آهي. (مشڪاةالمصابيح، ڪتاب الفرائض والوصايا، باب الوصايا، الفصل الثاني، 566/1، الحديث:3072)

# ماخذ و مراجع

| قرآن مجيد | كلامِ الٰہی | ☆☆☆☆ |
|---|---|---|
| **نام کتاب** | **مصنف/مؤلف** | **مطبوعہ** |
| کنز العرفان فی ترجمۃ القراٰن | حضرت علامہ مولانا مفتی ابو الصالح محمد قاسم القادری مدظلہ العالی | زیرِ طبع |
| الدر المنثور | امام جلال الدین عبد الرحمن سیوطی شافعی، متوفی۹۱۱ھ | دارالفکر،بیروت۱۴۰۳ھ |
| المسند | امام احمد بن محمد بن حنبل ،متوفی۲۴۱ھ | دار الفکر ،بیروت۱۴۱۴ھ |
| صحیح البخاری | امام ابو عبداللّٰہ محمد بن اسماعیل بخاری، متوفی۲۵۶ھ | دار الکتب العلمیہ، بیروت۱۴۱۹ھ |
| صحیح مسلم | امام ابو الحسین مسلم بن حجاج قشیری، متوفی۲۶۱ھ | دار ابن حزم، بیروت۱۴۱۹ھ |
| سنن الترمذی | امام ابو عیسیٰ محمد بن عیسیٰ ترمذی، متوفی۲۷۹ھ | دار الفکر ،بیروت۱۴۱۴ھ |
| سنن ابن ماجہ | امام ابو عبداللّٰہ محمد بن یزید ابن ماجہ، متوفی۲۷۳ھ | دار المعرفۃ، بیروت۱۴۲۰ھ |
| سنن دار قطنی | امام علی بن عمر دار قطنی، متوفی ۲۸۵ھ | مدینۃ الاولیائ، ملتان |
| المستدرک علی الصحیحین | امام ابو عبداللّٰہ محمد حاکم نیشاپوری ،متوفی۴۰۵ھ | دار المعرفہ، بیروت۱۴۱۸ھ |
| المعجم الکبیر | امام ابوالقاسم سلیمان بن احمد طبرانی، متوفی۳۶۰ھ | دار احیاء التراث العربی، بیروت۱۴۲۲ھ |
| المعجم الاوسط | امام ابو القاسم سلیمان بن احمد طبرانی، متوفی۳۶۰ھ | دار الکتب العلمیہ، بیروت۱۴۲۰ھ |
| مسند ابی یعلی | شیخ الاسلام ابو یعلی احمدبنعلی بن مثنی موصلی، متوفی ۳۰۷ھ | دار الکتب العلمیہ، بیروت ۱۴۱۸ھ |
| مشکاۃ المصابیح | علامہ ولی الدین تبریزی، متوفی ۷۴۲ھ | دار الکتب العلمیہ، بیروت۱۴۲۴ھ |
| کنز العمال | علامہ علی متقی بن حسام الدین ہندی برہان پوری، متوفی ۹۷۵ھ | دار الکتب العلمیہ، بیروت ۱۴۱۹ھ |
| تہذیب الاثار | امام ابو جعفر محمد بن جریر طبری ،متوفی ۳۱۰ھ | مطبعۃ المدنی، قاہرہ |
| البدور السافرۃ | امام جلال الدین عبد الرحمن سیوطی، متوفی ۹۱۱ھ | مؤسسۃ الکتب الثقافیہ، بیروت۱۴۲۵ھ |
| احیاء علوم الدین | امام ابو حامد محمد بن محمد غزالی، متوفی ۵۰۵ھ | دار صادر، بیروت۲۰۰۰ء |
| اتحاف السادۃ المتقین | علامہ سید محمد بن محمدحسینی زبیدی ،متوفی۱۲۰۵ھ | دار الکتب العلمیہ، بیروت |
| فتاویٰ رضویہ | اعلیٰ حضرت امام احمد رضا بن نقی علی خان، متوفی۱۳۴۰ھ | رضا فاؤنڈیشن لاہور،۱۴۱۸ھ |
| بہارِ شریعت | مفتی محمد امجد علی اعظمی، متوفی۱۳۶۷ھ | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ،۱۴۳۵ھ |

## وصيت

**فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : **جنهن جو موت وصيت تي ٿئي (جيڪو وصيت ڪرڻ جي بعد مري) اهو عظيم سنت تي مريوءِ ان جو موت تقويٰ ۽ شهادت تي ٿيو ۽ ان حالت تي مريو جو ان جي مغفرت تي وئي.**

(ابن ماجہ، كتاب الوصايا، باب الحث علي الوصية، 304/3، الحديث:2701)

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## دارالافتاء اهلسنّت (دعوتِ اسلامي) جا ايڊريس

| نمبر شمار | نالو | هنڌ | اوقات ڪار ۽ تعطيل (يعني موڪل) | |
|---|---|---|---|---|
| 1 | دارالافتاء اهلسنّت | جامع مسجد ڪنزالايمان (بابري چوڪ) گرومندر باب المدينه (ڪراچي) | 10 تا 4 | تعطيل جمعة المبارڪ |
| 2 | دارالافتاء اهلسنّت | جامع مسجد بخاري نزد پوليس چوڪي ڪارادر باب المدينه (ڪراچي) | 11 تا 5 | تعطيل جمعة المبارڪ |
| 3 | دارالافتاء اهلسنّت | جامع مسجد رضاءِ مصطفيٰ بالمقابل موبائل مارڪيٽ ڪورنگي 4 باب المدينه (ڪراچي) | 12 تا 5 | تعطيل جمعة المبارڪ |
| 4 | دارالافتاء اهلسنّت | اقصيٰ مسجد، اڪبر روڊ، ريگل، صدر، باب المدينه (ڪراچي) | 11 تا 4 | تعطيل جمعة المبارڪ |
| 5 | دارالافتاء اهلسنّت | آفندي ٽاؤن بالمقابل فيضان مدينه باب الاسلام (حيدرآباد) | 11 تا 4 | تعطيل جمعة المبارڪ |
| 6 | دارالافتاء اهلسنّت | جامع مسجد زينب، محمديه ڪالوني، سوسان روڊ، مدينه ٽاؤن سردار آباد (فيصل آباد) | 10 تا 4 | تعطيل جمعة المبارڪ |
| 7 | دارالافتاء اهلسنّت | نزد مڪتبة المدينه، گنج بخش مارڪيٽ، داتا دربار، مرڪز الاولياء (لاهور) | 10 تا 4 | تعطيل بروز آچر |
| 8 | دارالافتاء اهلسنّت | لطيف پلازه (جيولري مارڪيٽ) فرسٽ فلور، فيروزپور روڊ اڇره مرڪز الاولياء (لاهور) | 10 تا 4 | تعطيل بروز آچر |
| 9 | دارالافتاء اهلسنّت | نزد جامع مسجد غوثيه، حاجي احمد جان بينڪ روڊ صدر (راولپنڊي) | 10 تا 4 | تعطيل جمعة المبارڪ |
| 10 | دارالافتاء اهلسنّت | نوري گيٽ، نزد باٽا شوز، گلزار طيبه (سرگوڌا) | 10 تا 4 | تعطيل جمعة المبارڪ |

## دارالافتاء اهلسنّت جا فون نمبر ۽ ميل ايڊريس

| فون سروس جي ٽائمنگ | | | |
|---|---|---|---|
| فون سروس جي ٽائمنگ | 0300-0220113 | 0300-0220112 | بالخصوص پاڪستان ۽ سڄي دنيا لاءِ |
| 10 am کان 4 pm (1 کان 2 ٽائين وقفو، جمعة المبارڪ تعطيل) | 0300-0220115 | 0300-0220114 | بالخصوص پاڪستان ۽ سڄي دنيا لاءِ |
| پاڪستاني وقت جي مطابق 2 pm کان 7 pm (نماز جي اوقات کان علاوه) | 0044 121 318 2692 | | بالخصوص برطانيه ۽ سڄي دنيا لاءِ |
| پاڪستاني وقت جي مطابق 2 pm کان 7 pm (نماز جي اوقات کان علاوه) | 0015 8590 200 92 | | بالخصوص آمريڪا ۽ سڄي دنيا لاءِ |
| پاڪستاني وقت جي مطابق 2 pm کان 7 pm (نماز جي اوقات کان علاوه) | 0027 31 813 5691 | | بالخصوص ساؤٿ آفريقا ۽ سڄي دنيا لاءِ |

Email: darulifta@dawateislami.net








عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 1262

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net